تذكرة الاولياء وغيره ۾ مذكور آهن علم اصول ۽ فروع جو عالم هو ۽ مذهب امام

ابو حنيفه جو مختار كيو هوائين ۽ انهي عمل كندو هو - توفي سنه ٢٢٦

ابو بكر بن معروف

فرمائي ٿو ته امت محمديه عليه الصلوٰة والسلام ۾ امام صاحب كان زياده نيڪ خصلت

ماڻهون موجود ڪونه ٿيو

امام جعفر صادق بن محمد الباقر چشم وچراغ اهلبيت نبوي سلالهٔ خاندان مصطفوي

وارث علم الرسول سيد الاولياء عارف كامل عاشق صادق بارهن امامن مان مشهور

امام آهي طريقت حقيقت شريعت جو مقتدا ۽ جهان جي سڀني مشائخن جو پيشوا آهي

سندس تعريف ۽ توصيف ڪرڻ جي اسانجي قلم ۽ عبارت کي ڪهڙي طاقت آهي جو اڪابر

علما سندس ڪمالات ظاهريه ۽ باطنيه جي پوري پوري ڪان عاجز آهن اهلسنة خواه

اهل تشيع وارث وقت برحق امام ۽ برگزيده اوليا آهي امام صاحب جي به نسبت

سندس ئي هڪڙي شاهدي بس آهي ۽ هزارن جو مٿ آهي

ابو الحسن ابن علي رضي الله تعالیٰ عنه روايت ٿو ڪري ته هڪڙي ڏينهن امام ابو حنيفه حضرت

امام جعفر صادق رضي الله تعالیٰ عنه جي خدمت ۾ آيو پاڻ امام صاحب ڏانهن نهاري فرمايو

ته آئون سمجهان ٿو ته تون منهنجي ڏاڏي جي سنت جاري ڪندين ۽ بدعتن جو پاڙ

روايتون گهڻيون نقل ڪيون آهن امام صاحب جي قوة حافظه جو پاڻ نهايت مداح
۽ معترف آهي توفي سنه ١٤٢

هن محدث جي شاهدي صريحًا امام صاحب جي قوة حافظه بنسبت ملهم جرح
قابل غور آهي جهڙي طرح علامه ذهبي امام صاحب کي حديث جي حافظن مان
ثابت ڪيو آهي —

حسن بن صالح

چيو آهي ته امام صاحب نهايت پرهيزگار ۽ حرام کان بچندڙ هو حتى ڪه فقط شبهي جي
ڪري گهڻيون حلال شيون ترڪ ڪندو هو. گهڻو فقيه پنهنجي نفس کي گناهن کان
سنڀاليندڙ وارد ابوحنيفه کان زياده مون ڪونه ڏٺو

حسن بن عمارة ابومحمد حسن بن عمارة الڪوفي عالم فقيه محدث بغداد جو قاضي
آهي صحيح ترمذي ۽ ابن ماجه ۽ حاڪم پنهنجن ڪتابن ۾ سندس اسنادن
حديثون روايت ڪيون آهن توفي سنه ١٥٣

عبدالله بن مبارڪ فرمائي ٿو ته مون حسن بن عمارة کي ڏٺو ته امام صاحب جي سواري
جي وقت رڪيب هڻي جو هٿ ۾ جهلي چيائين ته قسم آهي خدا تعالى جو مون فقه
۾ اوهان کان زياده عالم ڪامل فاضل ڪونه ڏٺو بيشڪ اوهين سردار آهيو اهڙن

وابوعاصم وعبدالرزاق وعبيد بن موسیٰ وابونعيم وابوعبدالرحمٰن المقري ۽ بشر
کثير امام صاحب جي فضائل ۾ سند سان گھڻيون ڳالهيون منقول آهن. سندس
قول آهي ته امام صاحب کان وڌيڪ حليم ماڻهون مون ڪونه ڏٺو ۔ توفي سنه [11]
عبدالله التستري

علي بن المديني علي بن عبدالله بن جعفر المعروف به المديني وڏو محدث استاذُ
امام بخاري جو آهي سندس قول جرح ۽ تعديل ۾ نهايت معتبر آهي سندس استاذ
ابن المهدي جو چوڻ آهي ته ابن المديني رسول الله صلى الله تعالى عليه وسلم جي
حديثن ۾ اعلم الناس آهي ۽ امام في جيو آهي ته خدا تعالیٰ هن کي خلقيو اهڙين
ڪمالات آهي ۔ فرمائي ٿو ته ابوحنيفه کان امام ثوري ابن مبارڪ حماد بن زيد
هشام

هشام وڪيع عباد بن عوام ۽ جعفر بن عون روايتون ڪيون آهن ۽ هو ثقة لاباس به
امام صاحب جي توثيق ۾ سندس قول آهي ته ابوحنيفه ثقة ثبت امام ابوحنيفه
حديث جي روايت ۾ معتبر ۽ مضبوط آهي ۽ فرمايو آهيس ته جيڪڏهن اسين گهرون
ته هڪ مسئلي تي جو امام صاحب جو آهي حديث بيان ڪري سگهون ٿا توفي سنه ٢١٣
علي بن الجعد

علي بن عاصم واسطي - هڪ لک حديث جو حافظ امام احمد بن حنبل جو استاذ
هو. عطاء سائب ۽ يحيٰ کان حديثون روايت ڪيون آهنس توفي سنه ٢٠١
سو امام اعظم جي شان ۾ چوي ٿو ته جيڪڏهن علم امام ابوحنيفه جو سندس زماني جي
عالمن جي علم سان ترازوءَ ۾ وجهي تور جي ته تحقيق امام صاحب جي علم جو پاسو ڳرو ٿئي
علي بن مسهر قرشي ڪوفي عالم فاضل محدث ثقه صاحب روايت ۽ درايت جو
آهي - هشام بن عروه ۽ اعمش کان حديثون حاصل ڪيون آهنس امام ابوحنيفه
جي خاص اصحابن مان آهي ۽ امام صاحب کان علم حاصل ڪيو آهيس موصل جو
قاضي ٿي رهيو - عالمن بدل سندس تاريخ وفات جي آهي حديث ١٣٢ توفي سنه ١٨٩
عمرو بن دينار

اي پيارا پت ڪهڙي مسئله تي اسان جي مخالفت حديث شريف کان ڏني ٿي ۱۸ آهي تنهن عيسيٰ بن ابان ٻڌو ته مسئلا بيان ڪري ٻڌايائين امام محمد صاحب وٽ هر هڪ مسئله جا دلائل ۽ شواهد ۽ ناسخ منسوخ روايتون ٻڌايائين جواب باصواب ڏنائين جو هو ان جو قائل ۽ معترف ٿيو ۽ انهيءَ ڏينهن کان پوءِ امام محمد جي صحبت اختيار ڪيائين ۽ فقه جو علم حاصل ڪري ڪمال کي پهتو توفي سنه ۲۱۲

## عيسيٰ بن يونس

امام غزالي الامام حجة الاسلام محمد بن محمد بن محمد الغزالي الطوسي اسان کي نه تعريف ۽ توصيف سنديس ڪرڻ جي ڪا ضرورت آهي ۽ نه سنديس ڪمالات علوم ظاهره ۽ باطنه جي بيان ڪرڻ جي طاقت ۽ لياقت آهي جنهن جي وجود مسعود سان رسول ڪريم عليه الصلواة والسلام صلاة اعلي تي سيدنا موسيٰ ۽ عيسيٰ علي نبينا وعليهما السلام تي فخر ڪيو آهي ته اوهان جي امت ۾ ڪو اهڙو متبحر عالم آهي - تنهن جي ڪهڙي صفت ثنا ڪجي ڪن بزرگن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن نبي ڪريم عليه الصلوة والسلام کان پوءِ ڪو نبي هجي ها ته غزالي هجي ها سنديس ڪتب مقبوليت ۽ ڪثرت تصنيف

جيون روايتون گناس ڪيون آهن ۽ لوئيتو سندس ڪٿي اٿن. امام ابوحنيفه کي

توفي سنه ٢٤٣

صغر سن ۾ ڏٺو هوائين. اهو محدث سڳورو. امام ابوحنيفه جو مقلد ۽ حنفي مذهب جو

## فريدالدين عطار

شيخ فريدالدين عطار. پنهنجي مشهور ڪتاب تذڪرة الاولياء ۾ امام صاحب جي تعريف

هنن الفاظن سان ڪري ٿو

آن چراغ شرع وملت. آن شمع دين ودولت. آن نعمان بن ثابت حقائق. آن عمان جواهر معاني ودقائق. آن عارف عامل صوفي. امام جهان ابوحنيفه ڪوفي رحمة الله تعالى عليه صفت کسيکه همه زبانها ستوده باشد وهمه ملتها مقبول که تواند گفت رياضت ومجاهده او. وخلوت ومشاهده او بنهايت نداشت وبسيار صحابه ومشائخ را ديده بود چون انس بن مالڪ وجابر بن عبدالله وعبدالله بن ابي اوفى وواثله بن الاسقع وعبدالله الزبيري رضي الله تعالى عنهم وباصادق رضي الله تعالى عنه صحبت داشت واستاذ علم فضيل وابراهيم ادهم وبشر حافي وداؤد طائي بود وآنگاه بسر روضه سيد المرسلين

صلي الله تعالى عليه وسلم رفت و گفت السلام عليك يا سيد المرسلين جواب آمد

وعليك السلام يا امام المسلمين تنهن کان پوءِ امام صاحب جو مفصل احوال ۽

حڪايتون نقل ڪيون آهن ـ فلينظر ثمه

فضل بن دڪين

فرمائي ٿو ته ابو حنيفه جهڙو ٻيو ڪو به امانت ۾ غايت ڪامل ۽ چڱو ڪونه هو ۽ سندس قول آهي

ته ابو حنيفه وٽ جڏهن ترس هو ۽ ضروري ڳالهه ڪان سواءِ ته ڳالهائيندو هو ۽ بيفائدي ڳالهيون

ڳالهيون نه ٻڌندو هو نه ڪنهن تي ڏيان ۽ خيال رکندو هو ٿو فرسنه

فضيل بن عياض ابو علي فضيل بن عياض بن مسعود التميمي عالم رباني زاهد عابد

صالح صوفي خواص اولياءن صاحب ڪرامتن جو مشهور معروف بزرگ آهي سندس

زهد ۽ تقوى تصوف ۽ سلوڪ جا ڪتاب ۽ ڪرامتون عجيب عجيب ڳالهيون تذڪرة

الاولياء ۽ ٻين ڪتابن ۾ منقول آهن نقل آهي ته هڪڙي ڏينهن هارون رشيد چيس

عجب آهي ڪهڙو نه تون زاهد آهين چيائين موکان وڌيڪ تون زاهد آهين سو

ڪيئن چيائين آئون زاهد يعني تارڪ آهيان دنيا جو ۽ زهد ڪرين تو آخرت جو والدنيا

فانية والآخرة باقية زمخشري ربيع الابرار ۾ آندو آهي ته هڪڙي ڏينهن فضيل پنهنجي

اصحابن کي چيو اوهين ڇا چئو ٿا انهيءَ شخص کي جو دامن ۾ ڪا رکون ڪڍي

ٿو

قاضی ابن خلکان ہنی الفاظ سے شیخ کی تعریف شروع کی آپ کان علامة

فی الفقه والتفسیر والحدیث والاصول والادب والشعر والکتابة وعلم التصوف جمع

بین الشریعة والحقیقة - شامی والے علامہ ابن عابدین کی توثیق الحافظ المفسر

الفقیه النحوی الادیب الکاتب القشیری الشجاع البطل لم یر مثل نفسه ولا رأی

الرائؤن مثله وانه الجامع لانواع المحاسن ولد سنه ۳۷۶ وسمع الحدیث من الحاکم

وغیره وروی عنه الخطیب وغیره وصنف التصانیف المشهورة      وتوفی سنه ۴۶۵

سنہ سن مشہور کتاب "رسالہ" جو علم تصوف میں صوفیوں کی واسطے اکسیل آپ کی اہل التصوف

وار بوت ہدایت معتبر آپ کی توثیقہ سمعت الاستاذ اباعلی الدقاق یقول انا اخذت

هذه الطریقة من ابی القاسم النصرابادی وقال ابو القاسم انا اخذتها من الشبلي

وهو اخذها من السري السقطي وهو من معروف الکرخي وهو من داؤد طائی وهو

اخذ علم طریقة من ابي حنیفة وکل منهم اثنی علیه واقر بفضله      در مختار ص ۴۳

تیسرا ابن ربیع

عام جا مڃيون ۽ مشهور آهن — توفي سنة ٢١٧

محمد بن مقاتل

سفيان ثوري پڻ "جو علم حديث ۾ محدث وڏ جليل الشان امام آهي" امام ابو حنيفه
کي ترجيح ڏني آهي — توفي سنة

محمد بن ميمون محدث

فرمائي ٿو ته ڪوبه ماڻهون امام ابو حنيفه کان زياده عالم زياده متقي زياده زاهد زياده
عابد زياده فقيه سندس زماني ۾ ڪونه هو خدا تعاليٰ جو قسم آهي ته مونکي هڪ شعر سندس
تعريف ۾ هزار دينار کان زياده وڻندڙ آهي — شعر

عقمت النساء فلا يلدن [illegible] — ان النساء بمثله لعقيم

مسعر بن ڪدام — ابو سلمه مسعر بن ڪدام هلالي ڪوفي. حافظ الاحاديث استاذ
المحدثين آهي جنهن جي جلالت شان ۽ حفظ ۽ اتقان ۾ سڀني محدثن جو اتفاق ٿيل آهي
صحاح سته وارن سڀني سندس اسناد سان روايتون ڪيون آهن ايڏي شان جو عالم هو
جو سفيان ثوري ۽ شعبه جڏهن پاڻ ۾ اختلاف ڪندا هوا ته هن فيصلا لاءِ پڻ
مسعر بن ڪدام وٽ ايندا هوا ۽ جيڪو فيصلو پاڻ ڪندو هو اهو هي ٻئي قبول ڪندا هوا

سفيان ثوري

پنهنجي خالص مال مان هزار درم خيرات ڏيندو هو ۽ خدا تعاليٰ جي خوف کان هميشه روئندو رهندو هو ۽ جنهن شهادت جي نهايت گهڻي تمنا ۽ آرزو رکندو هو

هشام بن عروه بن زبير بن العوام - مدينه شريف جو مشهور تابعي ۽ وڏن عالمن مان علم حديث جو وڏو رڪن ۽ امام آهي پنهنجي چاچي عبدالله بن زبير ۽ عبدالله بن عمر کان حديثون ٻڌيون آهن پس ۽ محدثن جي جماعت جو استاد آهي منصور جي زماني ۾ بغداد شريف ۾ تشريف آندائين ۽ منصور نهايت احترام ۽ عزت ۽ تعظيم سان پيش آيو پوءِ آنديس ۽ کوفه وارن عالمن ان کان حديث ٻڌي ۽ روايت ڪئي

صراط المستقيم كان نغل كرلون تا

خواجه نظام الدين اوليا- محمد بن احمد بن علي نظام الدين الملة والدين سلطان
الاوليا خطاب. محبوب الاهي اسرار طريقت ۽ حقيقت جو ڪامل مڪمل مشهور اولياءَ مان
آهي علاوه فيوض ۽ اسرار باطني جي پاڻ علم فقه تفسير حديث ۽ علم ادب ۾ به فاضل اجل
۽ عالم اڪمل هئا سندس فيض باطني جا اهڙا وڏا زوردار تاثير هوندا جو جيڪو شخص سندس
خدمت ۾ حسن اعتقاد سان ايندو هو سندس نظر ڪيميا اثر جي ڪري شرط ولي ڪامل ٿي
ويندو هو سندس خوارق ۽ ڪرامتون ۽ عبادتون ۽ رياضتون جهان ۾ مشهور آهن
۽ سندس مزار پرانوار دهلي ۾ زيارتگاهه خاص و عام آهي امير خسرو مشهور شاعر
سندس حلقه بگوش غلام ۽ مداح آهي ۽ پاڻ بواسطه شيخ فريد الدين گنج شڪر
۽ شيخ قطب الدين بختيار ڪاڪي جي حضرت سلطان الهند خواجه معين الدين
اجميري جي دامن ارادت سان وابسته آهي ۽ اهي سڀ حضرات اولياء ڪرام مذهب
حنفي جا مقلد ۽ شريعت جا تابعدار ۽ امام صاحب جا مداح آهن

